Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

ڪراچي

جلد :12 | آچر 10 ڊسمبر 2023ع بمطابق 25 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:60 | قيمت10 روپيا

پاڪستان جي ترقي روڪيندڙن جو احتساب ٿيڻ گهرجي، 1993ء 1999ء ۾ مون کي چوڪيو ويو؟: نواز شريف

چا مون کي ان ڪري ڪڍيو ويو جو مون ڪارگل جنگ جي مخالفت ڪئي؟ وقت ثابت ڪيو تہ اسان غلط نہ هئاسين، ڪجهہ ڪردارن ترقي ڪندڙ پاڪستان کي برباد ڪيو

اسان جي دور ۾ معيشت بهترءِ ترقي عروج تي هئي، ڪجهہ اهڙا ڪردار سامهون آيا جن ڊوڙندڙ پاڪستان کي بيهاري ڇڏيو

مان انهن ماڻهن کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ توهان ائين چو ڪيو؟ هڪ اناڙيءَ کي آڻي ملڪ کي چو تباهہ ڪيو ويو؟

2022 ۾ شهباز شريف اچي واڳون نہ سنبهاليا هئا تہ پاڪستان ڊفالٽ ڪري ها، بجليءَ جي لوڊشيڊنگ اسان لاءِ سدائين مسئلو رهيو آهي

اناڙي شخص اسان لاءِ بجلي مهانگي ڪرڻ وارو مسئلو بہ پيدا ڪري ويو، اقتدار ۾ اچي عوام کي ڀرپور رليف ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين

اسان ايٽمي ڌماڪا ڪيا جنهن کان پوءِ پاڪستان مضبوط ٿي ويو، اڄ ڪنهن جي بہ طاقت ناهي جو پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪٽي ڏسي : لاهور ۾ پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوئاليل اجلاس کي خطاب

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ميان نواز شريف چيو آهي تہ ڪجهہ ڪردارن ترقي ڪندڙ پاڪستان جي معيشت کي تباهہ ڪري چڏيو جنهن بہ ماڻهن ملڪ کي اهڙي صورتحال تي پهچايو انهن جو احتساب ٿيڻ گهرجي. لاهور ۾ پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوئاليل اجلاس کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو تہ اسان نظرن کان تہ ٻري ليا سين پر دل جي تمام ويجهو رهيا سين پنهنجي ڪنهن بہ دوست کي ناهي وسريو هميشہ ياد رکيو آهي. اڄ بہ دعا آهي تہ الله هن قوم کي پريشانين مان ڪڍي. هن چيو تہ قوم گذريل 4 سال تمام گهڻو ڏکيو دور ڏٺو اسان جي دور ۾ معيشت بهترءِ ترقي عروج تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: مسلم ليگ(ن) جو اڳواڻ ميان نواز شريف پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ ڪوئاليل اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ڪارروائي سڌي ريت ڏيکاري ويندي يا رڪارڊنگ؟ ڪميٽي جي رپورٽ تيار

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل بابت ريفرنس جي نشريات ڏيکارڻ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني ڪميٽي رپورٽ جوڙي ورتي. ڏريعن موجب صدارتي ريفرنس جي ڪارروائي بابت سپريم ڪورٽ جي ٻہ رڪني ڪميٽي سومر تي رپورٽ پيش ڪندي. ڏريعن جو چوڻ آهي تہ سپريم ڪورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نواز شريف هڪ ڀيرو ڀيهر هنن کي بہ پاڳي تي اڪثريت ڏيارڻ لاءِ چئي رهيو آهي : پ پ چيئرمين

ٽي پيرا سليڪٽ ٽي آئل نواز شريف هن پيري اليڪٽ ٽي ڏيکاري تہ مڃانس: بلاول ڀٽو زرداري

معاشي حالتون نواز شريف يا ڪلاڙيءَ جي انتقامي سياست جي ست نہ سهي سگهنديون، اسان کي خبر آهي تہ نواز شريف چوٽون پيرو اچي چا ڪندو

نواز شريف اقتدار ۾ اچي انهن سان ئي ڀيهر وڙهندو جيڪي ڪيس بہ پاڳي تي اڪثريت ڏيارينداِ، جيڪو 3 پيرا وزيراعظم بڻجي فيل ٿي چڪو آهي اهو چوٽون پيرو اچي ڪهڙا ڦاڙها ماريندو؟

زمان پارڪ جي وزيراعظم انتقام جي سياست ڪئي، راءِ ونڊ جي وزيراعظم بہ انتقامي سياست کي هٿي ڏني، عوام ٻنهي جماعتن کان تنگ ٿي چڪو آهي

پي ٽي آءِ جو بڻي امپائر جي آڱر تي سياست ڪندو رهيو ۽ حڪومت هلائيندو رهيو، نگران حڪومت نون ليگ هلائي رهي آهي

ميان صاحب جو نجڪاري وارو وزير پي آءِ اي کي ڪپائي نہ پر خريد ڪري رهيو آهي، اسان ڪنهن کي بہ پي آءِ اي خريد ڪرڻ نہ ڏينداسين :لوئر دير ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب

لوئر دير (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ جيڪو تي پيرا وزيراعظم بڻجي فيل ٿيو تہ چوٽون پيرو ڪهڙو تير هڻندو؟ تيمر گرا ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ ملڪ جون معاشي حالتون اهڙيون ناهن جو اسان انتقام جي سياست يا نهن راڻديگر کي برداشت ڪيون، 8 فيبروري تي عوام هڪ ڀيرو ڀيهر پ پ کي چونڊيندا. هن چيو پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لوئر دير : پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

نواز شريف کي فيور ملڻ جو چونڊڙن کي شرم اچڻ گهرجي: مريم نواز

مخالف چون ٿا تہ نواز شريف جي سياست ختم ٿي وئي، پاڪستان ۾ اهي ڪهڙيون جيلون آهن، جتي نواز شريف نہ ويو؟

نواز شريف خلاف سازش ڪندڙ گروهہ واپسي تي سندس آجيان ڏسي چڙي، جڏهن عوام جو فيصلو آيو تہ نواز شريف جي حق ۾ آيو

هڪ شخص جيل ۾ ويهي پنهنجي عملن جي سزا پوڳي رهيو آهي، جيڪو نواز شريف کي چور چوندو هو، هن پاڻ تاريخ جي سپ کان وڏي چوري ڪئي

جلالپور جتان: ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جلسي کي خطاب ڪري رهي آهي

جلالپور جتان (م ڊ) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي تہ انهن کي شرم اچڻ گهرجي، جيڪي چون ٿا تہ نواز شريف کي فيور ملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نازيبا وڊيو ٺاهي بليڪ ميل ڪرڻ تي شاگرد ڀاٽي عمارت تان ٽپو ڏئي ڇڏيو

ممبئي (م ڊ) پارٽي رياست اتر پرديش ۾ پنهنجي نازيبا وڊيو کان پريشان شاگرد ڀاٽي عمارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مريم اورنگزيب جا گرفتاري وارنٽ رد

دهشتگردي توڙ عدالت جي جج عبهر گل مريم اورنگزيب سميت ٻين خلاف ڪيس جي ٻڌڻي هلائي

مريم اورنگزيب، جاويد لطيف ۽ ٻيا اڳواڻ دهشتگردي توڙ عدالت ۾ پيش ٿيا

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي توڙ عدالت جڻ ڏيارينڊ تقرير ڪيس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير مريم اورنگزيب جا گرفتاري وارنٽ رد ڪري چڏيا دهشتگردي توڙ عدالت جي جج عبهر گل مريم اورنگزيب سميت ٻين خلاف ڪيس جي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مسلم ليگ ن قوم جي اميدن تي پوري لهندي: شهباز شريف

نواز شريف جي وطن واپسي ڪانپوءِ قوم جون مايوسيون ختم ٿي ويون آهن

نواز شريف جي قيادت ۾ هو قوم کي امن، ترقي ۽ خوشحالي ڏيندو

لاهور(م ڊ)اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي تہ مسلم ليگ ن هميشہ وانگر قوم جي اميدن تي پورو لهندي. لاهور ۾ شهباز شريف سان اڳوڻي اسيمبلي ميمبرن ۽ پارٽي اڳواڻن ملاقات ڪئي. پارٽي اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

190 ملين پائونڊ اسڪينڊل: اڳوڻي وفاقي وزير نئون انڪشاف ڪري ڇڏيو

زبيده جلال جو موقف هو تہ 190 ملين پائونڊ پاڪستان جو اثاثو آهن، واپس آڻڻ گهرجن : رپورٽ جو متن

ڪيترن ئي ڪابينا ميمبرن جو چوڻ هو تہ 190 ملين پائونڊ واپس آڻڻ جي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي

عمران خان ڪابينا ميمبر نيب جا ڄ ۾ شامل ٿيا ۽ پنهنجي ان ئي موقف کي ورجايو

اسلام آباد(م ڊ) 190 ملين پائونڊز اسڪينڊل جي ڄاڻ ۾ اڳوڻي وفاقي وزير زبيده جلال اڳوڻي وزيراعظم عمران خان بابت نيب جي ٽيم سامهون نئون انڪشاف ڪري ڇڏيو. نيب ٽيم زبيده جلال جي بيان کي پنهنجي ڄاڻ رپورٽ جو حصو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي قانونسازي ڪرڻي پوندي: نگران وزيراعظم

اسان کي تمام گهڻا چيلنجز پيش آهن. پوليس ملڪ ۾ امن جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن

اسان پوليس کاتي جا ٿورائتا آهيون، پوليس کي پنهنجي ساک برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي هوندي آهي

نوڪرين جي نوعيت جيڪا بہ هجي اسان کي پنهنجو ڪم ايمانداريءَ پوري سچائي سان ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ پوليس جي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرلز جي ستين سالياني ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي تہ ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي ويهي قانونسازي ڪرڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

هر سال 10 ڊسمبر تي انساني حقن جو عالمي ڏاڙو ملهايو ويندو آهي : نگران گهرو وزير

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي گهرو وزير ۽ جيلر برگيڊيئر (ر) حارث نواز قائون لاڳو ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان توهين اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائيءَ جيل ٽرائل کي چئلينج ڪري ڇڏيو

عمران خان طرفان درخواست سلمان اڪرم راجا ۽ بئريسٽر سمير ڪوسا جي معرفت داخل ڪرائي وئي

اليڪشن ڪميشن غير قانوني طور توهين ڪميشن جي ڪارروائي شروع ڪئي آهي : درخواست جو متن

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف باني عمران خان توهين اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائي ۽ جيل ٽرائل کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو. عمران خان طرفان درخواست سلمان اڪرم راجا ۽ بئريسٽر سمير ڪوسا جي معرفت داخل ڪرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

غير قانوني پرڏيهين جي نيڪالي، سنڌ حڪومت وڏيڪ سخت فيصلن جو اشارو ڏئي ڇڏيو

غير رجسٽرڊ افغانين کي ڪڍيو پيو وڃي، اڳتي هلي وڏيڪ سخت فيصلا ٿيندا : اطلاعات وارو نگران وزير احمد شاهہ

غير قانوني پرڏيهين کي ڪڍڻ جي عمل ۾ حڪومت پوئتي نہ هٽندي، سپ کان وڏيڪ اثر کي پي ڪي ۾ پيو آهي

حيدرآباد (رپورٽر) اطلاعات، اقليتي معاملن ، سماجي تحفظ وارو نگران صوبائي وزير ۽ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهہ ۽ ثقافت کاتي وارو نگران صوبائي وزير جنيد علي شاهہ سان گڏ اڄ سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي ۾ غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

مڪاني ڪاتن جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري منظور علي شيخ جي صدارت هيٺ پارڪنگ مافيا بابت اجلاس ٿيو

اجلاس دوران غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ غير قانوني پارڪنگ مافيا خلاف هڪ ڀيرو ڀيهر ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ويو آهي. مڪاني ڪاتن جي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري منظور علي شيخ جي صدارت هيٺ پارڪنگ مافيا بابت اجلاس ٿيو. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون، اسان سيني کي ڪراچي کي بهتر بڻائڻو آهي: مرتضيٰ وهاب

بهتري تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي جڏهن اسان سپ پنهنجي حصي جو ڪم ڪنداسين

سمورن سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي دعوت ڏيان ٿو تہ اچو پاڻ سپ گڏجي شهر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪريون

شهر جي سيوريج سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ 40 جيٽنگ ۽ سڪشن مشينون واٽر ڪارپوريشن حوالي ڪيون ويون آهن

ڪراچي : ميئر ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سڪشن مشينن جون چابيون ڏئي رهيو آهي

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ اسين ڪراچي جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيون. اسان سيني کي ڪراچي کي بهتر بڻائڻو آهي ۽ بهتري تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي جڏهن اسان سپ پنهنجي حصي جو ڪم ڪنداسين. اڄ هڪ ڀيرو ڀيهر شهر جي سمورن سياسي ۽ مذهبي پارٽين کي دعوت ڏيان ٿو تہ اچو پاڻ سپ گڏجي شهر جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪريون. اچو ڪو ڏينهن اسان جي لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي چاڪاڻ تہ سنڌ حڪومت، ورلڊ بئنڪ ۽ ڪراچي واٽر سيوريج سروسز امپروومينٽ جي گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

گڏيل قومن جي جنگبندي ۾ ناڪامي، اسرائيل جي بمباري ۾ تيزي

ڏهين هفتي ۾ داخل ٿيندڙ لڳاتار جنگ ڏڪڻ غزا جي علائقي خان يونس ۽ آس پاس ۾ گهر گهر شروع ٿي وئي

فلسطيني شهري ساموندي ڪناري طرف پناهہ وٺڻ لڳا، مصر جي باردرواري علائقي رفح جي آس پاس جمع ٿي ويا

ٻن مهينن کان جاري جنگ ۾ هن مهل تائين 17487 فلسطيني شهيد ٿي چڪا جن ۾ 7 هزار کان مٿي ٻارڙا شامل

غزه (م ڊ) جنگ بندي ۾ گڏيل قومن جي قرارداد آمريڪا ويٽو ڪرڻ بعد اسرائيل ٻاران ڇنڇر ٿي خوفناڪ بمباري ۾ تيزا آئي چڙي آهي. ڏهين هفتي ۾ داخل ٿيندڙ لڳاتار جنگ ڏڪڻ غزا جي علائقي خان يونس ۽ آس پاس ۾ گهر گهر شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ملڪ ۾ سليڪشن کي روڪي چونڊ عمل شروع ٿيڻ گهرجي: فواد چوڌري

نواز شريف 40 سالن کان پوءِ بہ نامزد اداري ذريعي اقتدار ۾ اچي ٿو تہ ڪهڙو فائدو؟

اينٽي ڪرپشن پنجاب جي ڪاتي کي فواد چوڌري جي راهداري ريمانڊ جي ضرورت آهي : جج قاضي ماجد

اسلام آباد(م ڊ) اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. فواد چوڌري کي هٿڪڙيون لڳائي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جنهن کان پوءِ ڪيس هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي اينٽي ڪرپشن پنجاب جي حوالي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس جيان ڄا اسان بہ نواز شريف کي انصاف ڏيارڻ لاءِ 45 سال انتظار ڪريون: جاويد لطيف

اڄ خوشي آهي تہ 45 سالن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو ڪيس ٻڌو پيو وڃي

اسان کي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ 5 منٽ دير ٿيندي آهي تہ ضمانت رد ٿي ويندي آهي

لاڏلي جي لاءِ صبح 9 وڳي عدالت لڳندي هئي، رات جو 8 وڳي لاڏلو چوندو هو تہ منهنجو حاضر ٿيڻ جو موڊ ناهي

لاهور: مسلم ليگ(ن) اڳواڻ جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

لاهور(م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي تہ اڄ خوشي آهي تہ 45 سالن کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل جو ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪچي ۾ آپريشن

قتل ڪيس ۾ نامزد مڪ جوابدار شيرو مهر ۽ ٻين جوابدارن جي فصلن کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن : ايس ايس پي عرفان سمون

ڪراچي (م ڊ) شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ايس ايس پي سڪر عرفان سمون جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس جو شاهہ بيلو جي ڪچي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جيڪو ڪم حڪومت نہ ڪري سگهي اهو اسان کي ڪرڻو پوندو: شاهد آفريدي

بهاولپور (م ڊ) قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان شاهد آفريدي چيو آهي تہ ڪرڪيٽ اڪيڊميز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي مختلف شعبن ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ

خيرپور (رپورٽر) شاهہ عبدالطيف يونيورسٽي خيرپور جي مختلف شعبن ۾ داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نگران حڪومت عذير بلوچ جي ڪيس مان بريت کي چئلينج ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي نگران سرڪار لياري گينگ وارجي ڪردار عذير بلوچ جي مختلف ڪيسن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سارا انعام قتل ڪيس فيصلو محفوظ، 14 ڊسمبر تي ٻڌايو ويندو: عدالت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ)اسلام آباد جي عدالت سارا انعام قتل ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

)ن) ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ سيٽ ايڊجسٽمنٽ لاءِ ڪميٽي قائم

لاهور (م ڊ) (ن) ليگ ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي لاءِ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. ڏريعن موجب سيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جي ايچ ڪيو حملي سميت 10 ڪيسن مان شيخ رشيد جي عبوري ضمانتن ۾ واڌ

راولپنڈي (م ڊ) جي ايچ ڪيو حملي سميت 10 ڪيسن ۾ شيخ رشيد جي عبوري ضمانتن ۾ واڌ ٿي وئي آهي.عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تان اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن کي قيد جي سزا

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي عدالت 48 لک روپين جو ڪوڙو چيڪ ڏيڻ واري ڪيس ۾ اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن صفدر علي شاهہ کي ڇهہ سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي.عدالت اڳوڻي سيڪريٽري انفارميشن صفدر علي شاهہ تي 5 هزار روپيا ڏنڊ بہ لاڳو ڪيو آهي.2022 ۾ درخواست گذار سيد عطا شاهہ اڳوڻي انفارميشن سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

CADET COLLEGE KARAMPUR

The Cadet College Karampur seeks admissions in its 5th academic session commencing from May 2024. College shall provide opportunities to the students of remote areas for having access to quality education especially for military career.

The Written Test Shall Be Held On Sunday, 25th February 2024

2024-25 ADMISSION OPEN

7th Class | 8th Class

Age:
Class VII: 11 to 13 years on 30th April 2024.
Class VIII: 12 to 14 years on 30th April 2024.

Test Centers
Cadet College Karampur, Larkana, Sukkur, Hyderabad, Karachi, Lahore, Peshawar and Quetta

For more info
https://web.facebook.com/CadetCollegeKarampur

ABOUT US
Cadet College Karampur holds significance for its commitment to inculcate strong leadership qualities, academic excellence, and disciplined character among cadets. The institution's military - style training, coupled with focus on physical fitness prepares individuals for diverse career paths, including opportunities in the prestigious Armed Forces.

Written Examination:
Class VII: English, Mathematics, General Knowledge and Sindhi / Urdu (Sindh Text Book Board of 6th Class Level).
Class VIII: English, Mathematics, General Knowledge and Sindhi / Urdu (Sindh Text Book Board of 7th Class Level).
Only written test qualified candidates shall be interviewed, medically and physically examined.

Last Date of Form Submission is Thursday, 20 February, 2024.

ADMISSION PROCESS
Prospectus with admission form can be collected from Cadet College Karampur for Rs. 1500/- by hand, the candidates can also collect form by Pakistan Post for Rs. 1800/-(Throught Demand Draft in favour of Cadet College Karampur).

Prospectus is available at:
- SINDH BANK LTD Military Road Branch Sukkur
- SINDH BANK LTD Qasimabad Branch Hyderabad
- SINDH BANK LTD Civic Center Branch karachi
- SINDH BAND LTD Kandhkot
- SINDH BANK LTD Kashmore
- SINDH BANK LTD Jacobabad
- SINDH BANK LTD Shikarpur
- SINDH BANK LTD Larkana
- SINDH BANK LTD Ghotki
- SINDH BANK LTD Rahimyar Khan
- SINDH BANK LTD Nausharo Feroz
- SINDH BANK LTD Dadu

Design by: Farooque Ali 0332-2642189

Contact us for more info: 072-2575400, 03136752232
Email: cckarampur@gmail.com

Scholarships are also available (NEED-CUM-MERIT BASED) As per college policy

Postal Address: Cadet College Karampur Main Indus Highway Karampur, Post Office Karampur District Kashmore at Kandhkot. Post Code (78220).

INF_KRY.No:4644/2023

دادو ۾ آءِ بي اي پاس استادن کي گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پ ٽ الف ٽائون جي سڌ تي متاثر استادن ۽ پ ٽ الف جي اڳواڻن پاران پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ضلعي ۾ اڃان تائين گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه پيون ڏنيون وڃن، خزانه آفيس ۾ انهن استادن پاران سمورا ڪاغذات مڪمل جمع ڪرايل آهن : مظاهرين

استاد بنا پگهارجي ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن اهڙي ناانصافي خلاف پ ٽ الف استادن جي تنظيم سراپا احتجاج آهي پر اختيارين جي ڪن تي جوئن به نٿي چري

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آءِ بي اي پاس استادن کي گذريل 4 مهينن کان پگهارون نه ٿيڻ خلاف پ ٽ الف دادو ٽائون جي سڌ تي متاثر استادن ۽ پ ٽ الف جي اڳواڻن پاران دادو پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: پ ٽ الف جا استاد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي ۾ ايس يو پي پاران 17 هين يوم تاسيس ملهايو ويو

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي ڪورنگي پاران 17 هين يوم تاسيس پريور نموني ضلعي ڪورنگي اڳواڻن ۽ ڪارڪن پاران ضياءِ ڪالوني ۾ ملهائي وئي . جنهن ۾ ڊويزنل انفارميشن سيڪريٽري روي راجپر صاحب جن خصوصي طور شرڪت ڪئي . 17 هين پارٽي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو . ڪيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز ۾ 11 هزار وولٽ جي ڪيبل تارين ۾ فوت ٿيل جا وارث عدالت پهتا

عدالت 16 تي ايس ايس پي ۽ ايس ايچ او نوشهرو فيروز تي طلب ڪري ورتو

ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ نوشهرو فيروز ٽائٽي تي وياسين پر پوليس ڪيس داخل نه ڪيو : متن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) 11 هزار وولٽ جي ڪيبل تارين ۾ فوت ٿيل گلاب راجپر جا وارث قتل جي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ لاءِ عدالت پهچي ويا. عدالت 16 تي ايس ايس پي ۽ ايس ايچ او نوشهرو فيروز تي طلب ڪري ورتو. نوشهروفيروز سيشن جج جي عدالت ۾ فوتي جي پٽ غلام مصطفيٰ راجپر ايڊووڪيٽ عبدالقادر خانزاده جي معرفت 22 اي بي جي درخواست داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نٿي ۾ واپڊا جي نجڪاري خلاف واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران مظاهرو

اڳواڻن ڊويزنل چيئرمين وحيد علي رند، چيئرمين منور تارو، شير زمان سهتو، امير علي ڪوسو، رحمان خان، گلاب لنڊ، نواز تارو ۽ نيڪ محمد ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واپڊا جي نجڪاري کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي، ملازمن جون جبري بدليون روڪي ملازمن جي جائز مطالبن کي فوري طور حل ڪيو وڃي : مظاهرين

اسان يونين جي مرڪزي اڳواڻ عبداللطيف نظاماڻي جي حڪم تي عمل ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهيون، نوٽيس وٺي انصاف ڏيارجو وڃي

نٿو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) واپڊا جي نجڪاري خلاف واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران حيدرآباد آفيس مڪلي ڪان مين نيشنل هاءِ وي مي ٽائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ضلعي نٿي سجاول جي اڳواڻن ڊويزنل چيئرمين وحيد علي رند، چيئرمين منور تارو، شير زمان سهتو، امير علي ڪوسو، رحمان خان، گلاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نٿو: ۾ واپڊا جي نجڪاري خلاف ملازم احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

دڙو پرسان جوابدارن نوجوان کي گهٽتا ڏئي قتل ڪرڻ بعد نازڪ عضوي ۽ ڪن کي ڪپي لاش وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو

حضرت سخي شاهه بادشاهه جو ميلو گهمڻ لاءِ ويل ڳوٺ مير شاهه جو رهواسي 30 سالن جي نوجوان سيد پورل شاهه جي قتل جو المناڪ واقعو پيش آيو

نوجوان جو رسي جي مدد سان گهٽتا ڏئي لاش ميلي جي ٻاهران زمين ۾ بيهل وڻ مان هٽ آيو، متقتول نوجوان جو نازڪ عضو ۽ سندس ڪن به ڪٽيل هو

اسان جي ڪنهن سان به دشمني ڪونهي، پٽ ميلو گهمڻ لاءِ ويل هو، ظالمن بيدردي سان منهنجي پٽ کي قتل ڪيو آهي، جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي : وارث

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان قتل جو وحشيانو واقعو..!! جوابدارن نوجوان کي گهٽتا ڏئي قتل ڪرڻ بعد سندس نازڪ عضوي ۽ ڪن کي ڪپي لاش وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو. ٻنون پوليس پاران لاش برآمد. پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي. والد ۽ ٻين وارثن طرفان انصاف جو مطالبو ڪيس داخل نه ٿيو. تفصيل موجب دڙو پرسان ٻنون پوليس جي حد موالي مروي پرسان حضرت سخي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سنڌ جون زمينون ٻين ملڪن حوالي ڪرڻ جي ضرورت ناهي : اياز لطيف پليجو

سنڌ جون زمينون پيٽرول، ماربل يا ٻيا وسيلا ڏيڻ جو اختيار نگران حڪومت کي ڇا پرچونديل حڪومت کي به ناهي

جيڪڏهن حڪومت چاهي ٿي ته سنڌ جون سرڪاري زمينون آباد ڪجن ته اهي بي روزگار سنڌ جي هارين کي ڏين ته اهي آباد ڪن

پ پ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ڪري ڇڏيا آهن اسان سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪري رهيا آهيون

نوشهرو فيروز (منظور ملڪ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراه اياز لطيف پليجو مورو ۾ مختلف ڪرسان تعلق رکندڙ ۽ ساڃاهه وندن کي سنڌ جي ثقافت ۽ موجوده سياسي صورتحال تي ليڪچر پروگرام ۾ خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان گالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مورو باءِ پاس دادو روڊ تي شهرين چاهي چور کي ماسٽر چاهي سوڏو سوگهو ڪري ورتو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) مورو باءِ پاس دادو روڊ تي شهرين چاهي چور کي ماسٽر چاهي سوڏو سوگهو ڪري ورتو مارڪٽ ڪرڻ بعد پوليس جي حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي سوگهو ڪيل چاهي چور ڊ منهنجو ناڻو اڪبر چانڊيو گوٺ ليت ننگر چانڊيو جو رهواسي آهيان ۽ اها چاهي منهنجي ناهي جڏهن ته موجود شهرين جو چوڻ هو ته هي موٽرسائيڪل / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: قومي عوامي تحريڪ جو سربراه اياز لطيف پليجو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسان هڪ ٿي جي ڊي اي جي حڪومت ٺاهيندا سين : لياقت جتوئي

16 منهنجي ڪنهن سان به ذاتي دشمني ناهي صرف نظرياتي اختلاف آهن

سال عوام کي چڪي ۾ پيسو ويو آهي پاڻي ، بجلي روڊ رستا ماڻهن کي ناهن مليا

ڪيترن ئي سالن کان ويٽل اقتدار جي نشي ۾ ويٽل هڪ ئي ٽولي سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ جي ڊي اي ورڪر ڪنونشن تازو جي ڊي اي ۾ شامل ٿيندڙ اڳوڻو سنڌ جو وڏو وزير لياقت علي جتوئي جو دادو ۾ دادو جي سٽيزن شادي حال ۾ ورڪر ڪنونشن گڏجائي ٿيو جنهن ۾ اڳواڻن صفدر عباسي، مرتضيٰ جتوئي، قومپرست اڳواڻ رياض چانڊيو منور علي جتوئي، سيد منير حيدر شاهه، ڪريم علي جتوئي فاروق ملڪ نياز پرڙو امداد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ الهورايو سولنگي جي رهواسڻ عورتن پاران احتجاجي مظاهرو

جوابدارن اسان جي گهر ۾ گهڙي ڪري حملو ڪيو آهي، پٽ مهتاب کي بلاجواز ڏنبا هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

منهنجا ۽ منهنجي نياڻين جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙو ليڙو ڪري ڇڏيا آهن، اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي نه ڪئي

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثرن ۽ انهن جي سپورٽ ڪندڙ کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ الهورايو سولنگي جي رهواسڻ مسمات حسنا سولنگي نرما عرف بينظير سولنگي بااثرن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري نيشنل پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته لقمان، جاني، سلطان، ساجد، حنيف، ماشوق، پوڙهو، عاشق، گل سيٺي ويٽل ڳوٺ ولي محمد سطوڙو جا آهن انهن منهنجي پٽ مهتاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دولتپور پرسان پرائمري اسڪول جي استادن، شاگردن ۽ والدين پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

دولتپور صفن (رپورٽ) دولتپور پرسان ڳوٺ حسين آباد جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول جي استادن، شاگردن ۽ والدين پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو. ثقافتي تقريب ۾ خطاب ڪندي استاد غلام اصغر لغاري، ڪفايت لغاري، ظفر بگهيو، عادل لغاري، قدرت الله لغاري، انجنيئر محمد علي لغاري، نياز سنڌي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: ڳوٺ الهورايو سولنگي جا رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

نٿي ۾ ڪرپشن جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي

هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد بدعنواڻي ۽ ڪرپشن جي نقصانن بابت عوام ۾ آگاهي ۽ شعور پيدا ڪرڻ آهي : سرڪل آفيسر

ڪرپشن هڪ ناسور وانگر آهي جنهن جون پاڙون پٽڻ لاءِ هر فرد کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪرپشن اسان جي ادارن ۽ مُلڪ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، جنهن جو خاتمو وقت جي اهم ضرورت آهي

نٿو (ڊ ر) ڪرپشن جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي موقعي تي ضلعي انتظاميه نٿو پاران ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون محمد علي خواجه، سرڪل آفيسر اينٽي ڪرپشن شاهنواز راهپوتر جي اڳواڻي ۾ عوام ۾ ڪرپشن بابت آگاهي ۽ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان مڪلي پريس ڪلب تائين هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نٿي پرسان ڪار ۽ گهارو ويندڙ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر

ڪار ۾ سوار هڪ ٻارڙي سميت 3 عورتون ۽ 2 مرد سخت زخمي ٿي پيا

ريسڪيو 1122 جون ايمبولينسون فوري طور تي حادثي واري هنڌ پهچي ويون

نٿو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ڪراچي ٽٿر نيشنل هاءِ وي گهارو شهر پرسان ڪوسٽ گارڊ چيڪ پوسٽ ويجهو ڪراچي کان ايندڙ ڪار ۽ گهارو ويندڙ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار هڪ ٻارڙي سميت 3 عورتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ڪوٽ جي نجي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

اسڪول ۾ ٻارڙن ثقافتي ويس پائي ٽيبلوز، تقريرون ۽ قومي گيت پيش ڪيو

قومي گيت پيش ڪري سنڌ جي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪيو ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي نجي اسڪول ۾ ٻارڙن ثقافتي تقريب منعقد. شاگردن جو قومي گيتن تي رقص، خبر موجب نئون ڪوٽ جي نجي اندس پبلڪ اسڪول ۾ ٻارڙن ثقافتي ويس پائي ٽيبلوز، تقريرون ۽ قومي گيت پيش ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ڪوٽ: ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي ڪوئيز تقريب ۾ شاگرد شريڪ آهن

نٿي ضلعي ۾ پيو دفعو ڪرپشن جو پڙاڏو

عوام کي مليل مڃرڊانين جا ٽوڪن ڏيڻ جي حوالي ٿي ويا

پاڻ کي ايماندار سڏائيندڙ ڊپٽي ڪمشنر نٿو جون دعوائون ڏوڙ

نٿو (رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) نٿي ضلعي ۾ پيو دفعو ڪرپشن جو پڙاڏو. عوام کي مليل مڃرڊانين جا ٽوڪن ڏيڻ جي حوالي ٿي ويا پاڻ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران ميڊيڪل ڪئمپ قائم

هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي اسڪريننگ ۽ هيپاٽائيٽس بي ڪان بچاءِ جي ريڪسين ٻڌ لڳايون ويون

انشاءالله اڳتي به ٻين شهرن ۾ اهڙي قسم جون طبي ڪيمپون لڳرائيندا سين : اڳواڻ

عاڊلپور (رپورٽ اسلم مهر) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) گهوٽڪي طرفان ڊاڪٽر محمد نواز ڪلوڙ جي والد صاحب مرحوم خان محمد ڪلوڙ جي ياد ۾ ڳوٺ شهيدن مهر ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي. ڪئمپ ۾ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي : ايڊووڪيٽ جي ايم ڪورائي

سنڌ کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي نگران حڪومت فوري فيصلو واپس وٺي

ڪراچي تي مڪمل طور ڏارين جو قبضو آهي ڏاريا ڪراچي کي الڳ ڪرڻ ۾ رڌل آهن

ڪراچي (باغي ساگر پهنور) سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽيو پيو وڃي سنڌ جي زمين تي قضو ڪرڻ نه ڏيندا سين ايڊووڪيٽ جي ايم ڪورائي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي: وڪيل سنڌ جي هڙاڻي ايڪڙ زمين رياست جي هڪ اداري کي ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نگران حڪومت سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪپائي رهي آهي : سيد زين شاهه

اليڪشن ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ڊي اي سان گڏجي اليڪشن وڙهي رهي آهي

سنڌي قوم کي گهرجي ته ته پيپلزپارٽي جهڙي ٺڳ پارٽي کي ووٽ ڪرڻ کان پاسو ڪري

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مرڪزي صدر ساڻين زين شاهه جي حڪم تي پوري سنڌ جيان ضلعي اولڊ ڪراچي پاران سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي 17 هين يوم تاسيس اڄ 09 ڊسمبر تي ضلعي ۾ اڳواڻن ۽ ڪارڪن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سڪر ۾ پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران احتجاجي مظاهرو

اداري جي امڪاني نجڪاري ۽ ملازمن سان ٿيندڙ انتقامي ڪارروائين خلاف سرڪل آفيس ڪان ريلي ڪڍي وئي

بدقسمتي سان اداري کي ڪانگاڻڻ لاءِ ملازمن کي بيروزگار ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي : مظاهرين جون ڏانهون

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سيپڪو) سڪر پاران سيپڪو ملازمن جي وڏي انگ اداري جي امڪاني نجڪاري ۽ ملازمن سان ٿيندڙ انتقامي ڪارروائين خلاف سرڪل آفيس ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪر: سيپڪو ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين واسي نوجوان پرڪاش ميگهواڙ خودڪشي ڪري ڇڏي

نوجوان پرڪاش ولد ڊاڪٽر لال چند ميگهواڙ حيدرآباد ۾ زندگي جو ڏيئو اجهايو

خودڪشي ڪرڻ جا ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين جي شهر ۾ پنهنجي جي او آر ڪالوني واري رهائش گاهه تي ٻيٽا خودڪشي ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته پرڪاش ولد ڊاڪٽر لال چند ميگهواڙ حيدرآباد ۾ زندگي جو ڏيئو اجهايو وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ضلعي انتظاميه مٽياري ۽ ٽرانسپرينسي انٽرنيشنل پاڪستان پاران ريلي

09 ڊسمبر ڪرپشن ڪان پاڪ معاشري جي عنوان سان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

رشوت معاشري جي تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي ان ڪري ان جو خاتمو تمام ضروري آهي : اڳواڻ

مٽياري (رپورٽر) ضلعي انتظاميه مٽياري ۽ ٽرانسپرينسي انٽرنيشنل پاڪستان پاران 09 ڊسمبر ڪرپشن ڪان پاڪ معاشري جي عنوان سان سول اسپتال مٽياري ڪان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سڪر ۾ ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ واڪ ريلي

رشوت جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن ڪاٽي سڪر پاران رشوت خوري جو خاتمو، نئون نسل بچاءِ جا نعرا

ڪرپشن هڪ آفت آهي ان جي خاتمي لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، چاڪاڻ ته ڪوبه ڪم ممڪن ناهي : اڳواڻ

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ مينار روڊ ڪان سڪر پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ان سلسلي ۾ رشوت جي خاتمي واري عالمي ڏينهن جي حوالي سان اينٽي ڪرپشن ڪاٽي سڪر پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سڪر: ڪرپشن خلاف آگاهي مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي ڏئي وڃي

دادو ۾ اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوام ۾ رشوت جي خاتمي لاءِ ريلي

رشوت جي خاتمي لاءِ اڄ جي دور ۾ خاص ڪري نوجوانن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي : اڳواڻ

آئنده جي نسلن ۾ رشوت جي حوالي سان جاڳ ۽ شعور پيدا نه ٿيندو تو ستائين مستقبل ۾ رشوت ۾ گهٽتائين اچڻ نه ممڪن آهي

مستقبل ۾ سنا شهري ، آفيسر ۽ استاد تي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلعي انتظاميه دادو پاران اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي عوام ۾ رشوت جي خاتمي لاءِ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ريلي جو اهتمام ڪيو ويو. تفصيل موجب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادو سميع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي ريلي ڪڍي پئي وڃي

اسان هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي : امتياز احمد شيخ

پيپلز پارٽي حڪومت پي ايس-7 شڪارپور جي ترقي لاءِ مثال ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، هر شعبي ۾ بهتري لاءِ ڪم ڪيو آهي

لوڊرا فائق شاهه جو جلسو هتي ٿيو آهي پر رانهپات سلطان ڪوٽ مان اچن ٿا، اچان ڪوڙ رانهپات ڪڍيئنداسين

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهم جي حوالي سان پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جو پي ايس ست جي علائقي لوڊرا ۾ سيد برادري جي معزز شخصيت سيد فائق حسين شاهه پاران جلسو منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ پي ٽي آئي ڊسٽرڪٽ جنرل سيڪريٽري سيد فائق حسين شاهه پي ٽي آئي ۽ آغا تيمور خان چڏي امتياز احمد شيخ صاحب تي اعتماد جو اظهار ڪندي، برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حاجي رمضان تڳرجا رهواسي پريس ڪلب پهچي ويا، احتجاج

محمد صديق تڳرپنهنجي پٽن امتياز علي، ڏگاڻو پائٽن عاقب علي ۽ گهرواري مومل خاتون ۽ ڏرين سميت احتجاج ڪيو

جوابدارن ڪليڪشن ڪرف لئبيون ڏنبا ڪئي منهنجي گهرتي حملو ڪري منهنجي پٽن ڏيرئن کي زخمي ڪيو : مظاهرين

اڄ صبح اسان جي گهرن تي فائرنگ گهر کان نڪرڻ نه پيا ڏين هي وڏا ڏوهاري ماڻهو آهن چوريون ڦرون ڪندا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ حاجي رمضان تڳرجا رهواسي رٽائرڊ رينجرس جي رٽائرڊ آفيس محمد صديق تڳرپنهنجي پٽن امتياز علي، ڏگاڻو پائٽن عاقب علي ۽ گهرواري مومل خاتون ۽ ڏرين سميت نيشنل پريس ڪلب تي اچي ڌانهيند ٻڌايو ته مان حيدر آباد هيس هر هڪ ٽالي سرور تڳرخالد تڳر زاهد تڳر-علي گل جاڙوخان ۽ ٻيا ڪليڪشن ڪوف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سڪر : مهراڻ يونيورسٽي جي انجنيئرنگ جو شاگرد خيرپور ڪان گهر سڪر ايندي مبينا لاپتا ٿي ويو

سڪر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر جي قريشي ڳوٺ جو رهواسي عبدالحنان قريشي ولد انجنيئر اختيار قريشي جو پٽ مهراڻ يونيورسٽي ۾ انجنيئرنگ جو شاگرد يونيورسٽي کان واپس گهر آئيندي رستي مان مبينا طور لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جو فون نمبر ب بند وڃي پيو گهرته پهچڻ بعد ولد تصديق ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: ڳوٺ حاجي رمضان تڳرجا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سڪر ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻن جو اهم اجلاس

اڳوڻو وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه، اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ٻيا شريڪ

ميانوالي جو موالي چوي ته اڳلا وزيراعظم مين بنون گا هاڻي هڪ لاهور جو لوهار آيو آهي : اڳواڻ

لاڏن لاءِ اليڪشن ۾ ديرڪئي ويندي نئون لاڏلو صرف ڪمرن ۾ ويهي ميٽنگ ڪري رهيو آهي

سڪر (رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) رائل پيلس جي مقامي هال ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي اڳواڻن جو اهم اجلاس ٿي گزريو اڳوڻي وزيري اعظم شهيد بينظير ڀٽو جي يوم شهادت جي سلسلي ۾ اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اڳوڻو صوبائي وزير سيد خورشيد احمد شاهه اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه. اڳوڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهڏو جي بوائز هاءِ اسڪول ۾ رنگا رنگ ايڪتا تقريب منعقد

استادن ۽ سوين شاگردن پاران پنهنجو ثقافتي ويس سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪا پائي شرڪت

سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت هزارين سال پراڻي آهي اسان کي پنهنجي ثقافت تي فخر آهي : اڳواڻ

هن سال اسان اچو ته نئين سنڌ اڏيون جي سري هيٺ ايڪتا ڏهاڙو ملهائي رهيا آهيون

جهڏو (رپورٽر) جهڏو جي بوائز هاءِ اسڪول ۾ رنگا رنگ ايڪتا تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسڪول جي استادن اياز ڪوسو، محمود روشن سميت ٻين استادن ۽ سوين شاگردن پاران پنهنجو ثقافتي ويس سنڌي ٽوپي اجرڪ پٽڪا پائي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين جي سينئر ڊاڪٽر چيسٽ اسپيشل ڊاڪٽر عثمان سومرو جو نوجوان پٽ فوت ٿي ويو

بدين (ڊ ر) بدين جي سينئر ڊاڪٽر چيسٽ اسپيشل ڊاڪٽر عثمان سومرو جو نوجوان پٽ 25 سالا انجنيئر اياز لطيف سومرو جرمن جي شهر ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. تفصيل موجب نوجوان انجنيئر اياز لطيف سومرو چه مهينا اڳ جونيئر اسڪول ٽيچر طور نوڪري چڏي وڏيڪ پڙهائي لاءِ اسڪالرشپ تحت جرمني ويو هو . پنج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو: بوائز هاءِ اسڪول ۾ منعقد ثقافتي تقريب ۾ استادن ۽ شاگرد شرڪت ڪري رهيا آهن

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار جي ڪرسي کي ٽڏي ڇڏيو : خورشيد شاهه

اسان ڪڏهن به پنهنجي لاءِ اقتدار جي جنگ ناهي وڙهي محترمه بينظير ڀٽو عوام لاءِ جان جي قرباني ڏني

پ پ جي شهادتن جي عيوض ملڪ کي جمهوريت ملي ، محترمه بينظير ڀٽو هڪ بهادر ليڊر هئي

ملڪ جي معيشت ڪراچي مان هلي ۽ پاڪستان جي معيشت وري ملتان مان هلي ٿي

سڪر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سيد خورشيد احمد شاهه جو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اسان ڪڏهن به پنهنجي لاءِ اقتدار جي جنگ ناهي وڙهي محترمه بينظير ڀٽو عوام لاءِ جان جي قرباني ڏني پ پ جي شهادتن جي عيوض ملڪ کي جمهوريت ملي ، محترمه بينظير ڀٽو هڪ بهادر ليڊر هئي جنهن ٻن ڊڪٽيٽرن سان مهاڏو اڏايو. شهيد ذوالفقار علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

راڻيپور پرسان گورنمينٽ بوائيز اليمنٽري اسڪول جان محمد وندير ۾ ثقافتي تقريب

تقريب ۾ شاگردن جي وچ ۾ سنڌي ثقافت جي عنوان سان تقريري ۽ ڪوئيز جا دلچسپ مقابلا ٿيا

تقريب دوران شاگردن مزاحيه ۽ اصلاحي خاڪا پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو

اهو پيغام ڏيڻ ٿا چاهيون ته هميشه اها قوم دنيا جي نقشي تي وڏيڪ عرصو زنده رهندي آهي : اڳواڻ

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور پرسان گورنمينٽ بوائيز اليمنٽري اسڪول جان محمد وندير ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ شاگردن جي رڄ ۾ سنڌي ثقافت جي عنوان سان تقريري ۽ ڪوئيز جا دلچسپ مقابلا ٿيا جڏهن ته شاگردن مزاحيه ۽ اصلاحي خاڪا پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو ڪامياب شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اسڪول جي هيڊ ماسٽر عرفان سهتو ،ايف اي استاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

حيدرآباد ۾ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران احتجاج

حيدرآباد (رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي حيدرآباد سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عبداللطيف نظاماڻي، اقبال خان، اعظم خان، نعيم خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو هنن چيو ته حڪومت بجلي کي وڪرو ڪرڻ لاءِ تيار آهي ڪانٽريڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

راڻيپور: بوائيز اليمنٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ شاگرد ۽ استاد شريڪ آهن

ريتي ۾ سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ کي ريتي پوليس جا عملدارڏينهن ڏني جوپٽ

بلڊنگ مان نڪرندڙ سرون، سريا، ٽيئر گارڊر ۽ ٻيولڪين روپين جو سرڪاري سامان وڪرو ڪرڻ لڳا

سرڪاري اسپتال جي بلڊنگ جي پچ ڊاهه ڪري بلڊنگ مان نڪرندڙ سامان شهر جي ڪباڙين کي وڪرو ڪرڻ

اسان کي ڪابه خبر ناهي ته وري ريتي پوليس اسان کان سرڪاري اسپتال جي عمارت کي ڊاهڻ جي اجازت ورتي

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
آچر 10 ڊسمبر 2023ع

ملڪي اثاثن ۽ ادارن کي وڪڻڻ بدران هلائڻ جي اهليت پيدا ڪئي وڃي!

ناٿي بابت اڳوڻي وفاقي وزير مفتاح اسماعيل پاڪستان ريلوي جي خساري جا انگ اکر ڏنا آهن ۽ ان کي "بهتر بنائڻ" لاءِ ڪجهه صلاحون به ڏنيون آهن. تنوڙي جو اهي صلاحون ريلوي ڪاٽي جي "سر وڃائڻ واريون صلاحون" آهن، جنهن ۾ موصوف ريلوي کي پٽڙين سميت خانگائڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. پر خساري جا انگ اکر چرڪائيندڙ آهن. سندس چوڻ موجب: گذريل سال حڪومت ريلوي جي آپريشنل نقصانن جي پورائي لاءِ 45 ارب روپيا ۽ مجموعي طور تي 70 ارب روپين جي ترقياتي خرچن لاءِ اضافي 25 ارب روپيا ڏنا. ان کان هڪ سال اڳ 59 ارب ۽ ان کان به هڪ سال اڳ 56 ارب روپيا ڏنا ويا. گذريل 15 سالن دوران عوامي ٽيڪسن جي ناٿي مان 783 ارب روپين جي سبسڊي ڏني وئي، جڏهن ته ان جي موجوده ماليت هڪ هزار ارب روپيا آهي. ناٿي واري اڳوڻي وزير اهو پڻ انڪشاف ڪيو ته، ٽرڪ ذريعي هڪ ڪلوگرام ڪارگو کي منتقل ڪرڻ تي ايندڙ ڊيزل جو خرچ ترين جي پيٽ ۾ ٽيٽو آهي، ان جي باوجود به پاڪستان ريلوي ٽرڪن کان وڌيڪ معاوضو وٺي ٿي. مفتاح اسماعيل موجب: سهولتن کي بهتر بنائڻ ۽ خسارو گهٽائڻ بدران بيوروڪريسي چاهي ٿي ته، حڪومت نون ٽريڪس لاءِ وڌيڪ 7 ارب ڊالر قرض وٺي.

نجڪاريءَ جي نالي ۾ ملڪ جا اثاثا وڪڻڻ لاءِ پريور ڪوششون ٿي رهيون آهن، جن ۾ پي آءِ اي ۽ ريلوي پهرئين نشاني تي آهن. ڪي ادارا رات ڏج ۾ ناهن ٺهندا، انهن جي ترقيءَ ۽ اوسرتي به عوامي ناڻو ۽ توانائي خرچ ٿيندي آهي پر اسان جا منتظمين انهن کي وڪڻي "نجات" حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. پاڪستان ريلوي کي هٿ سان تباهه ڪيو ويو آهي. هڪ منظم رٿابنديءَ سان ننڍيون ريلوي اسٽيشنون بند ڪيون ويون. ريلوي جون پٽڙيون "فائونڊرين" ۾ ڳاري پنهنجي ذاتي ڪاروبار ۾ ڪتب آنديون ويون. ريلوي جي گهٽي ڪمائي گڊز ٽرينن ذريعي ٿيندي هئي، جنهن کي گهٽائي اهو ڪم هڪ روڊي "لاجسٽڪ" ڪمپنيءَ جي حوالي ڪيو ويو. اها ڳالهه به عالم آشڪار آهي ته ريل انجڻين جي خريداريءَ ۾ ڪرپشن ٿي ۽ ناڪارا انجڻيون نقصان ۽ حادثن جو سبب بڻجنديون رهيون. ٽرانسپورٽرز مافيا کي فائدو ڏيڻ ۽ ان کي لامحدود منافعي جا نوان نوان موقعا ميسر ڪرڻ لاءِ منظم نموني سان ريلوي کي نقصان ڏيندي ريلوي ٽائيم ٽيبل ۾ تبديلي ڪئي وئي، گهڻو روينيو ڏيندڙ اسٽيشنن تان ٽرينن جا اسٽاپ ختم ڪيا ويا. جنهن ڪري فائدي ۾ هلندڙ ٽرينون نقصان ۾ وڃڻ لڳيون. ريلوي سسٽم کي صرف هڪ صوبي جي مفادن تائين محدود ڪيو ويو. سنڌ ۾ ڪوئٽي_ دادو لائين، حيدرآباد _ بدين لائين ۽ حيدرآباد_ ميرپورخاص لائين کي بند ڪيو ويو. مطلب ته منظم رٿابنديءَ سان ريلوي تي جون "آخري رسمون" ادا ڪرڻ جو پورو اهتمام ڪيو ويو ۽ ڪرپشن ريلوي جا ڦاٽڪ توڙي اندر داخل ٿي وئي. اهڙي ريت خانگي شعبي کي ريلوي ۾ 'انٽري' ڏني وئي.

سجو عالم اوپارو آهي پر لوڪ جي ابتڙ اسان لهوارا آهيون. دنيا جي ملڪن ۾ ريل جو سفر سستو ۽ محفوظ سفر سمجهيو وڃي ٿو. مختلف ملڪن ۾ بهتر سهولتن واريون تيز رفتار بُلٽ ٽرينون هلي رهيون آهن، جتي ڏينهون ڏينهن ان سفر کي وڌيڪ محفوظ ۽ تيز ترين بڻايو پيو وڃي، زير زمين ريلوي سرشتو ڪم ڪري رهيو آهي، پر اسان وٽ ريلوي سرشتو ڏينهون ڏينهن اڳتي وڃڻ بدران پٺتي پيو وڃي. اسان اڳ به اها ڳالهه چوندا رهيا آهيون ته، هتي رڳو ٽرينون ئي پٽڙيءَ تان نٿيون لهن، سجو ڪاتو ئي پٽڙيءَ تان لٿل آهي. انگريزن ننڍي کنڊ ۾ ريلوي جو جار وچايو. انهن جو مقصد ڪٽي عوام کي سفري سهولتن کان وڌيڪ پنهنجي بيندڪي مقصدن جي تڪميل هو، پر ان ڳالهه کان بهرحال انڪار نه ڪري سگهبو ته، ننڍي کنڊ کي ريلوي سرشتي جي جديد سهولت ملي ۽ ماڻهن کي سستي ۽ محفوظ سفر جي سهولت ميسر ٿي. ريلوي نظام سان هڪ سجو سارو ڪلچر وابسته رهيو، پر پوءِ هٿ وئي هڪ اهم سرشتي کي ناڪام بنائڻ جي ڪوشش جي شروعات ٿي ۽ جنهن جو نتيجو وڏي تباهيءَ جي صورت ۾ سڀني جي سامهون آهي. اسان اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ادارن کي رٿابنديءَ سان خساري جي ڪڏ ۾ اڇلائڻ بدران انهن کي هلائڻ جي اهليت پيدا ڪئي وڃي.

بقايا ٻڌڻي
01 ٭٭٭
هئي ۽ اسان جي دور ۾ هر لحاظ کان معاشرو اڳيان وڌي رهيو هو پر ڪجهه ڪردار اهڙا آيا جنهن ترقي ڪندڙ پاڪستان کي نپ ڪري ڇڏيو. هن چيو ته هاڻ به مجينداڻ، چوڻن پيرو به سليڪٽ ٿي اچن ڇاڪي ته بسر الله پر ته مان مجينداڻ ۽ نه عوام مجينداڻ. مان عوام سان گڏ بيهندس ۽ هر سليڪٽڊ جو مقابلو ڪندس.

بقايا ٻڌڻي
02 ٭٭٭
ٻه رڪني ڪميٽي ذوالفقار علي پٽو جي عدالتي قتل بابت ريفرنس جي نشريات سڌي ريت ڏيکارڻ يا ٻڌڻي ڪانپو، رڪارڊنگ جاري ڪرڻ بابت رپورٽ جوڙي آهي ڏريمن موجب جسٽس اظهر من الله ۽ جسٽس محمد علي مظهر تي ٻڌل ڪميٽي سفارشون فل ڪورٽ سامهون رکنديءَ ذوالفقار علي پٽو جي عدالتي قتل بابت صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي 12 ڊسمبر اڳاري تي ٿيندي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 9 رڪني لارجر ٻڌنڊ ٻڌڻي ڪندي

بقايا ٻڌڻي
03 ٭٭٭
